# خوشبو جیسا سنگ سنگ



نصیر مرزا

# خوشبوءِ جي سنگ سنگ

[ شعرن جو ڳٽڪو ]

١٩٨٠ع

نصير مرزا

## نثار حسينيءَ جي نالي

جنهن پنهنجي جيون جا ڪيئي خوبصورت سال نه فقط
سنڌي ادب ۽ فن کي پر مون کي به ارپيا آهن.

# جيون - درپن

صبح کي ٻڌندو ڏسي گهٻرائجي ويو
سانجهه تي سورج مکي ڪومائجي ويو.

# من جي ويڻا

ڄاڳ او منهنجي من جي ويڻا گيت پکيڙ

من - لام تان سوچ جا پنڇي اڏري ويا هن
سپنن جا گل پن پن ٿي سڀ وکري ويا هن
دل جي چٽل ڦٽن تان پيهر ڪڙيون اکيڙ
ڄاڳ او منهنجي من جي ويڻا گيت پکيڙ.

مات لهر ۾ لڙهي ويو آ شهر سڄو
ڪاهي پيا هن ڳلين ۾ اونده جا اجگر
وات پٽي آ ويٺو وقت جو وحشي مانگر
ڪتني ڪوڙي، هر گهر جي دروازي آڏو.

سالت آهن سڀ وستيون واهڻ، گهٽ ۾ گهيڙ
ڄاڳ او منهنجي من جي ويڻا گيت پکيڙ

# ڌرتي تي آدم جو سواگت

رات وارن ۾ هٽي، ’ڳل‘ چنڊ جو،
ڇير ٽارن جي ٻڌي، ڇيڄ وڌو.

ٻاڪ لاڪ رتيِ، ٻائي چنڙي،
آڌرياءَ لئہ ڪٽي، ڳجرا ٻيني.

ٻارن جان، تاڙيون وڇايون پٽن،
پرٿوي جهومي پئي، جهوميو گگن.

موتي اڇلائي، امبر دان ڏنس،
ڌرتي پير چمي، مان ڏنس.

سرڳ مان ترجي اچي، پهريون دفعو،
آدم هن ڌرتي، جڏهن پير ڌريو.

کڏهن ڪنهن موڙ تي، هوءَ مون کي وجي ملي ڪاش،
جنهن هرجائيءَ کي، منهنجي ڪائي پرواهه ڪينهي.
ڪيس پڏايان تہ، بن تنهنجي آهيان زندهہ لاش.
کڏهن ڪنهن موڙ تي، هوءَ مون کي وجي ملي ڪاش.

رڻ منجهہ ويندي چڏي، هئم نہ ڪو اهڙو وشواش،
هائي آپگهات بنان، ٻي تہ ڪائي واهہ ڪينهي.
کڏهن ڪنهن موڙ تي، هوءَ مون کي وجي ملي ڪاش.
جنهن هرجائيءَ کي، منهنجي ڪائي پرواهہ ڪينهي.

# ستل اکين ۾ جاڳيل عڪس

کليل جهروڪي ۾
ڏيئو ٻري پيو

سج اولڙي ۾
چنڊ چڙهي پيو

ننڊ ڪٽوري ۾
ڪنول تري پيو

ڇانو هندوري ۾
ٻرين لڏي پيو!

ڇپري پويان
منھنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ
ھوءَ ٻي (منھنجي)،
ڀيڻ ھوندي
مٿو ۽ ڇاتي پٽيندڙ
ماتامين جي جلوس ۾
سيجون پينگھا
الم ۽ گھوڙا.
ڏسڻ بدران
سون کي ڏسندي ھوندي.

# هيٺين ڪلاس وارن جي ڪوتا.

ڳاهه جيون جو ڳهن پيا ماڻهو،
بس جيئڻ ڪاڻ جئن پيا ماڻهو.

بسن جي ٻيهه ۾ چيچي چٽجي،
پنهنجي ڪمن تي رسن پيا ماڻهو.

سجو ڏينهن سر تي تغاريون ڍوئي،
ٻڪ جو پيٽ ڀرن پيا ماڻهو.

سڄ ڪي لهندو ڏسي دريا ۾،
پنهنجي قبرن ڏانهن ورن پيا ماڻهو.

من ۾ دکن پيا، پر ٻهران،
ٻکين جان خش، لڳن پيا ماڻهو.

## ساٿيءَ جي ڏائڻل ڏان

پيٽ ۾ بکيو ۽ انگ آگهاڙو
لاوارث هي ٻار

ڪانين جهڙيون ٻانهون هن جون
اکيون چڻ ڪشڪول

پيلي گل جان چهرو هن جو
عيسيٰ جهڙا ڏؤل

اڄ صليب تي چاڙهيو هن کي
دير نه ڪيو يدول

ڪتي پوندؤ وني ڏنؤ جي
هن کي لولو گول.

پريتم هيڪلو آباڻڪو اداس
لڙڪ ڇٽندڙ پڻن جيان
شهر سنسان ڄڻ
شمشان ۔ انڌ
اڪين اگيان راهه
رڃ
ٿي
رڃ

## سچ جي راهه ۾

گهگهه ۾ گهات تي
ديپ تي پيو پران
شال پرندو رهان.

چوڪ چؤواٽي تي
سچ سوريءَ تنگيل
وقت تلوار جان
جيب مٿان لٽڪيل
سچ پوءِ پي آهي
پٽ ۾ پکڙيل

سچ جي راهه ۾
جي سان وڙهندي مران
شال مرندو رهان

O

سونهن ڀريو سنسار لڳين ٿي تون،
مون کي پنهنجو پيار لڳين ٿي تون.

ويل پنيءَ جو هنج ۾ منهنجي،
مياڻ ٻنان تلوار، لڳين ٿي تون.

پيڙائن جي کهٽ پوسٽ ۾،
هيج ڀري هڪار، لڳين ٿي تون.

جڏهين ٻه ٽن، ڪرين ٿي تڏهين،
شيهي جي ديوار، لڳين ٿي تون.

ورهه - وڇوڙي جي راتين ۾،
ڪوئي پراڻهون پار، لڳين ٿي تون.

ساروڻين جي چڙ ۾ چلندي،
ترهي جڻن چوڏار، لڳين ٿي تون.

O

خالي کوکا ماچيس جا،
مان ۽ منهنجي محبوبا.

آهي پيار ايئن ۽ منهنجو،
بريک بن، جئن هوندا کا.

هٽ - ٽري چڻ شهر آهي، ۽
ريکائون، رستا آن جا.

وستن تي ماڻهو ناهن،
قبرن جا هن چڻ ڪتبا.

نلهي ٽانءَ جيان آهن،
اڄکلهه اندر جا جذبا.

گهنجن منجهه وجي لکندي،
منهنجي ماءُ جي سندرتا.

ٽڙ ٽڪڙ ۾ شيو ڪندي،
چلجي پيا هن موهيڙا.

ذات کي ڏيئي تيلي هوءَ،
هيکل چڏي هلي وئي آ.

آءٌ شيلف جي
ڪنڊ ۾ رکيل اهڙو آهيان
ڪتاب جنهن کي توکان پوءِ
ڪنهن به ڪوائي پڙهيو ڪو نه آ
هيڏي وشال ڌرتيءَ تي منهنجو
ڪو ٻي نه آ آءٌ جيون جو
تنها مسافر آهيان، مسافر آهيان!

## هٿ منهنجا آهن ڪشڪول

پيار پنن پيا، چوڪ چوڪ تان،
هٿ منهنجا آهن ڪشڪول.

آءُ پيار پڪيئڙو سامهون،
هر ڪنهن هٿ گلول.

موهه-مٽيان آچيان پيو سڀ کي،
اچو ڳنهو بن مول.

تند-سڳند سنگ ورڪايان پيو.
سر ڪنڌ جهڙا پول.

ڏينهن بنان سڀ سونا ٻوڪا،
من جا رنگ رتول.

گيتن جي هيءَ مالها توريءَ،
ڪنهن کي پايان ڍول.

## وڇوڙي جي شهر ۾ عذاب جي موسم

[٢]

ڦريا جڏهن ڦيٿا.
هٿ ٻه هوا ڏٺا.

پلڪ پنا ۽ پوءِ،
منظر گم ٿي ويا.

چوآهن الائي،
رستا اينگهي پيا.

ٻي ڪشش آهي،
هرڪا، اڄ ڏسا.

شهر پيو پاسي،
جڻ آ، گهگهه، گفا.

هن سوچيو من ۾،
”تيو آ مون کي ڇا!“

وڃان پيو ڪيڏ انهن،
ڪاٿي ڄاڻ نه آ.

▽

## تنهنجي حوالي سان هڪ ٻيو نظم

سنڌ يونيورسٽي مان جڏهن ادر-اي، ڪري نڪتاسين.
ڇٽيل پنن جيان ڏسائن م، و ڪري وياسين.

ساڳيءَ لام تي جڻ ويناسين ۽ سنگ ٻولي ٻوءِ،
رستا پنهنجا ونبي، پکين جيان آڏري وياسين.

وڇوڙي پڇاڙان پسي، اوچتو ڪاهه هڪ ٻئي کي،
ڪن پلڪ لاءِ ٻئي؛ پنڌ — پهڻ تي وياسين.

O

ڪاي آهي جڻ تنهنجي گهر جي بند دري.
پولارن ۾ هوا گهلي پئي سڳنڌ پري.

رات جڏهين پئي لنگهيس تنهنجي در وٽان،
اچانڪ پيا هاڻ من ۾ ڪيئي ديپ ٻري.

ڦهلجي آ وئي چوڌاري نرمل چانڊاڻ،
چيا تو مک تان وار هٽايا آهن وري.

ٿيڪ ڏنو هو جنهن پل رات تو محفل ۾،
ڪنين پيو ٿي، جنهن جي ويو ٿي مري ٺري.

تنهنجي ڍنڍ اکين ۾ هيڪر جو ٻه ٻڏو،
سونهن جو سنهن سو، سگهندو پيهر ڪين تري.

# ڏيڏي جي ڪٿا

چنڊ جڏهن چڙهندو
کليل درياءَ مٿان
پرين، تون ۽ مان
پڪجي ويندا سين

گم ٿي ويندا سين
اونداهي گفا ۾
پهچي ويندا سين
هڪڙي ٻي دنيا ۾

تڏهن پيرن کان
پريان جاري مان
چنيي چپرن کي
ڦيري جيڀ سنڌءِ
گلال چپڙن تي

سڪٽن جان سڪندو
ڏيئو پيو ڏمندو

وهندڙ دريا
وڏڙن جي قبرن جا ڪتبا
پنهنجو پاڻ پسائن ٿا

ائينءَ لڳي ٿو
سڀ ڪجهه منهنجو اڳ ڏٺل آ
ڪابه نئين شيءَ ناهي
سڀ ڪجهه ساڳيو آهي.
سڀ ڪجهه ساڳيو آهي.

# هڪ سپني ۾ نرمل جيوتاڻي

رات پڻ روح جي گفائن ۾
تنهنجي پيرن جي مون صدا ٻڌي ٻڌي
جڻ ٻري ڪان پي تو سڏيو مون کي
ناڻءُ منهنجو وٺي هوائن ۾.

۽ اکيون بند ٿي ويون جڏهين
پاڳ اپاڳ جي اندرين ۾
ماڻڪين جي آداس امبر تي
مک ٻونم جيان پسيم تنهنجو.

۽ جهلي چيچ تنهنجي ڪرڻي جي
شاعريءَ جي شفق گهمڻ جي لئه
تنهنجي پيرن تي پير رکندو رهيس.

ٻاٻري چانگ جي مٿان چپ چاپ
پنهنجي پشم سمان پيرن سان
ذات جي ڏيهه ڏانهن وڌندو رهيس!

## سير تي کوڙ نه سورج ڪرڻو

سر تي ڪوڙ نه سورج ڪرڻو چوڌس آ
انڌڪار
چانءِ نه ڪائي سفر ڏهر ۾ ماڳ پرانهون
پار
چاتيون ڪولي وهنڌڙ دريا وچ ۾ جڻ
ديوار ،
پوءِ به هوا جيئڻ سفر ۾ آهي ساروهي
سنسار!

## سنڌ جي شمشان ۾ هڪ ڏينهن

جيئڻ ڏني اگني راجوءَ
سنجي جيءَ جي
ارتيءَ ڪي!
سورج ائينءَ ڪيو روشن
جيڪب آد جي
ذرتيءَ ڪي!

## چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري

چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري، هڪ ٻئي جا چهرا ڀسون،
آءُ تہ هاڻي سپنا تياڳي، ساڀيا جا پيرا ڳڻون.
پوري ڪن مارڳ پيو پڪاري،
چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري.

رات جي اونداهين رڳن ۾، سونهري ڪرڻا پريون،
جڳ سڄي کي جڏيون اجاري،
چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري.

ٻو ڳس پيڙ آهي ڇو قير، آءُ تہ هي ٻچرا پچون.
ٻانهن جي شڪتيءَ سهاري،
چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري.

کوليو ذهن جا بند جهروڪا، سڳنڌ پري کا هوا ڪٺون.
هير ڀهر پئي راهہ نهاري،
چنڊگائي تيليءَ کي ٻاري.

# چرخو ڦرندو رهندو

گهر جي ديوار جي سوريءَ تي آهيان لٽڪيل آنءُ،
پهر در-تختيءَ تي منهنجو آهي لکيل نانءُ.

تختي دروازي جي تي ويندي جڏهين ڪتبو منهنجو،
مون کي ديوار جي سوريءَ تان تڏهين لاٿو ويندو.

ساڳي سوريءَ تي ڪنهين ٻئي کي پوءِ ٽنگيو ويندو،
مون جيان ان کي به هڪ ڏينهن اتان لهٿو پوندو.

ءُ ڪنهين تئين کي انهيءَ جاءِ تي ٽنگيو ويندو،
نسل - آدم جو هيءَ چرخو، ائينءَ ڦرندو رهندو.

# اوڪلونٽي اوڪلونٽي ✱

اوڪلونٽي
اوڪلونٽي

تنهنجو جيءُ جهڙالو چو آ!
اڻ تون وستيءَ وارن کي چئو،
ذرتيءَ جي دل وارن کي چئو،
پنهنجي نجهرن جا در کولن،
ٻاهر ذرتيءَ جي چنيءَ تي،
چانيل آهي رت بسنتي.

اوڪلونٽي!
اوڪلونٽي!

تنهنجو روپ الوپ چو آهي!
سارو انگ پيوت چو آهي،
چو ٿئي چنڙي ليڙون ليڙون،
ٻاهر ذرتيءَ جي چاتيءَ تي،
تنهنجي سانول جو سر پيو آ،

اوڪلونٽي!
اوڪلونٽي!

هيءَ چا آهي ۽ چو آهي؟
جل ٿل ذرتي ارتي ارتي!
اوڪلونٽي!
اوڪلونٽي!

تنهنجو جيءَ جهڙالو چو آ!

---

✱ هندو لينگري جو نالو آهي. هي نظم سندس ورکي بسنت ڏڻ تي قتل واري واقعي جي ٻئي سال کيس اداس پسي لکيل آهي.

▽

O

وو وينگس!
پنيءَ ويل پلا، چو نہ آئينءَ الا .
وو وينگس!

کونگا تيا گيت، کومائي کلا .
وو وينگس!

چکيا چڙهي چاهت، سڙيا سڪ سلا .
وو وينگس!

پچاڻا پرين تو، مليِر روح رلا .
وو وينگس!

موتي آءُ تہ مرکي، آچِين دود ڦلا .
وو وينگس!

پنيءَ ويل پلا چو نہ آئينءَ الا .
وو وينگس!

▽

# مهڪ

پونم رات، چپ چپات
نرمل اوجل
روشن لار

ورڪائي پئي املھ موتي
ڌرتيءَ کي پئي ارپي جوتي

ڍنڍ ڪپر، هوا لهر
سجل ترل رل
ڪنول قطار

پيا ته سريلو ڏيک آهي
موڙهل من کي پيو موهي

گل ڪڙيو، من ٽڙيو
گهليو ولهار
لتا ڏڪار

مهڪ جو هاڻي وڄندو مرندو
مهڪ جو هرجا جهنڊو جهلندو.

O

امبر تان ڪو اوتي ويٺو، رمجهم برڪا ڌار،
هن البيلي رت ۾ ڍوليا، ڏور نه مون کان گهار.

اوسيئڙي جي آڙاهن ۾، جيءُ جلي پيو پل پل،
ڌارا ٻڌجي ڪنول اکين مان، ڳڙي پيو ٿو ڪجل،
سونو ٻوڪو ڀاسي ٻيئڙو، توريءَ سڀ سنسار.

سمنڊ ڇلي جئن چانڊوڪيءَ ۾، ائين ڇلان پئي آءٌ،
لاٽ لچي جئن تيز هوا ۾، ائين لچان پئي آءٌ،
توريءَ منڙا جيون آ ڇڻ، پيڙا جو ڀاتار.

خشبوءَ جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي، توکي پئي ڳوليان،
آپ ۾ ڪوئي چنڊ نه تارو، ڪنهن کان ڏس پڇان،
چار ڏسائون گهگهه گفائون، تنهنجو آر نه پار.

امبر تان ڪو اوتي ويٺو، رمجهم برڪا ڌار،
هن البيلي رت ۾ ڍوليا، ڏور نه مون کان گهار.

O

سمونڊ سپنن جو مون کي هي تيا ڳڻ گهرجي،
ستو گهٽوئي آهيان هاٽي جاڳڻ گهرجي.

بند ـ ڪتابن جهڙي سانت آ چهرن تي ڇوا!
ورق چپن جا ڪولي ڪجهه ڳالهائڻ گهرجي.

شام وجي ڪم ٿيندي اونده ٻاڇولن ۾،
سانجهيءَ کان اڳ ۾ ئي ديپ جلائڻ گهرجي.

مارڳ ـ مهر ڪي ماڻڻ جي لئه سهٽي توکي،
ٻانهن جي ونجهن سان دريا جهاڳڻ گهرجي.

بند ـ ڳليءَ جي موڙ وتان ڪو پيو پڪاري،
ڪڙڪي ڪواڙ گهرجي، سڏ اونائڻ گهرجي.

دک جي آڳ وڌي پئيت ٿئي ان ڪان اڳ ئي،
لڙڪن جي ورڪا سان آها اجهائڻ گهرجي.

▽

O

تو بن سانول
گهايل گهايل، منهنجي پايل

پونم وانگي پوتر پوتر سپنن وانگي سندر سندر
منهنجو جوبن
وياڪل وياڪل
تو بن سانول

جيون سارو سپنا سپنا، نين وهائن گنگا جمنا
ياد اچين تو
پل پل، پل پل
تو بن سانول

من پدر پئي مهڪايان، سارونين جي خوشبوءِ سان
آس آهي تون
ايندين سانول

گهايل گهايل، منهنجي پايل
تو بن سانول

▽

رڳون روح ٿيندو
مڇو ڏيهه ڏسندو
نه هاريو هيئون ڙي
هلو ڙي
هلو ڙي
اڃان پنڌ پنهنجو، آهي آڳانجهو.

# تو دانهن

تنهنجي رنگ رتي چنيءَ ڏي جي ٻه ڪچن ،
شال آهي سڀ هٿ ڪراين ڪنان چٽن .

ڀانت ڀانت جا ماڻهو تنهنجيءَ ٻازارن ۾ ،
تن ۾ جيڪي سنڌي آهن شال جيئن .

رت رڳن ۾ ٻوڙي تو جئن ڏينهن ۽ رات ،
سمونڊ، دريا واهڙ سڀ ڀيا ائين وهن .

ٿڪ تلين جان گونجن ڀيا شل گهر گهر ۾ ،
ڀونئر جئن ڀيا چمڪن سيئي مک - درپن .

جهنڊي جئن ڀيا جهولن تنهنجا جنگ جوان ،
ديس دروهي سارا ڪاهيءَ منجهه ڪرن .

ڀاڳيا جيڪي ڀانءَ نه توکي ڏين آس ۾ ،
شال آهي سڀ ديوارن هيٺان دٻجن .

O

ٿلهي روشن چانءِ
پرين پڌر تي پيهي آيو!

ڀاڳ سڀاڳ جو اڀريو سورج
تنهجي منهنجي نانءِ
پرين پڌر تي پيهي آيو!

مهڪيا ٻهڪيا من جا مگرا
ٽسريا سر ۽ ڪانهن
پرين پڌر تي پيهي آيو!

نينهن سنيهه جي سڪ سپنن سان
ماپيا لڏي لانءِ
پرين پڌر تي پيهي آيو!

اکيون اڙيون اکين سان جڏهين
ڏيو هٿن سان هانءِ
پرين پڌر تي پيهي آيو!

▽

## هون کي ڇا مليو!

ساگر ساگر نيڻن ۾
سپون سپون ڪئي سپنا ها
ساڀيا - هيرو ڪين مليو!

آگم آگم سوچن ۾!
لڙهي اکر سمورا ويا
ڪوتا - تحفو ڪين مليو!

من گگن جي درپڻ ۾
تارا تارا چهرا ها
ڪو ٻي چهرو ڪين مليو!

مليو ته بس اڀاڳ مليو!
هر شيءِ کان ويراڳ مليو!
اداس رت جو راڳ مليو!

وارن جون ويڙهوتو ڇڻ
چانديءَ جي تارن جو
پنڇيءَ بن خالي آکيرو!

سدا ملوڪ وڻندڙ چهرو
هاڻي آ ڇڻ
نندي ڪنڌ جو
قاتل نقشو!

O

جيڪي قول چٽيا پٺي ،
هوا آهي ميڙيا پٺي !

ڙرهہ سمو، شبنم ڪڻ، جڻ ،
سون - سڪا، چٽڪيا پٺي!

سج چڙهيو تہ رستن تي ،
پاڇولا پٽڪيا پٺي!

هار گلن جا، جڻ ڦاهي ،
ڄاڄي، ڪانڌي لڳا پٺي!

لفظ، جڻ تہ ستارا هئا ،
ڪوتا ۾ چمڪيا پٺي!

ٻنڊ ڪپر ۾، آداس آئون ،
هنج ۾ سامهون تريا پٺي!

ڏينهن پيا ايهڙن گذرن ،
ٻهرين جئن گذريا پٺي!

ٽيهن ونڊيو، ويڻي تو سون ،
ٽِگ چپ چاپ لنگهيا پٺي!

گل پٺي ڪوماڻا جڏهن ،
رنگ شفق ۾ ڦهليا پٺي!

▽

# الوداع - الوداع

الوداع الوداع!
زندگي، روشني.
چوڏسا جي هوا
الوداع الوداع!

خواب وڪري چڪا
تنهنجي گهر جا سيئي
رنگ رتا پيچرا
مون ڪان وسري چڪا
الوداع الوداع!

سونهن سرهاڻ ڪي
پنهنجي مهراڻ ڪي
گهر ڪي گهاٽ ڪي
ماڳ جي لاٽ ڪي
تند ڪي سڳند ڪي
صبح جي ڏند ڪي
شفق جي رنگ ڪي
چاهه ڪي چنگ ڪي
الوداع الوداع!

سونهن وونهن جا
روپ رل مل ٿيا
سڄل منظر سيئي
ڏندلا ٿي ويا
دوستو دشمنو
مرڪندي ڏڪندي
الوداع الوداع!

▽